# مهراڻ

جلد ۲۸ [نمبر ۳-۴]

۱۹۷۹ع



سنڌي ادبي بورڊ
حيدرآباد سنڌ.

Gul Hayat Institute

عقل جهڙي کا تونگري نہ آهي،

اڻ ڄاڻائي جهڙي کا سُڃائي نہ آهي،

ادب جهڙي کا ميراث نہ آهي ۽

مشاورة جهڙي کا پشت پناهہ نہ آهي.

- سيدنا علي ابن ابي طالب

Gul Hayat Institute

# مهراڻ

سنڌي ادبي بورڊ جو سه ماهي علمي ۽ ادبي رسالو

جلد 28] [نمبر 3 ۽ 4

جولاءِ — ڊسمبر

1979ع

•

ايڊيٽوريل ڪميٽي

علامه غلام مصطفيٰ قاسمي

ڊاڪٽر غلام علي الانا

سيد شاهه محمد شاهه شاد

اسسٽنٽ ايڊيٽر

نفيس احمد شيخ (ناشاد)

Gul Hayat Institute

سنڌي ادبي بورڊ

سنڌ يونيورسٽي نيوڪئمپس، ڄامشورو سنڌ.

# مهراڻ

سنڌ يونيورسٽي نيو ڪئمپس، ڄامشورو سنڌ.
فون نمبر 23888/6

ملڻ جو هنڌ
سنڌي ادبي بورڊ جو بوڪ اسٽال
سنڌ يونيورسٽي نيو ڪئمپس، ڄامشورو
(پوسٽ باڪس نمبر 12، حيدرآباد سنڌ)

Gul Hayat Institute

قيمت

في پرچو 00-6 رپيا | ساليانو چندو 00-20 رپيا

Printed by Ghulam Rabbani A. Agro, Secretary Sindhi Adabi Board, at the Board's Printing Press ,Tilk Incline, Hyderabad, Sind, and published by him from Board's office, Sind University, New Campus Jamshoro.

# فهرست

● گذارش

## شاعري


٠١. عطامحمد حامي — ٩
٠٢. تنوير عباسي — ١١
٠٣. فيض بخشاپوري — ١٢
٠۴. سليم ڳاڙهوي — ١٣
٠۵. حافظ محمد احسن چنا — ١۴
٠٦. پردو سنڌي — ١۵
٠٧. عنايت بلوچ
٠٨. تاجل بيوس — ١٧
٠٩. تاج جويو
١٠. خاڪي جويو — ١٨
١١. عبدالڪريم پلي — ١٩
١٢. شيخ عبدالرزاق راز — ٢٠
١٣. نوازعلي شوق — ٢١
١۴. معمور يوسفاڻي — ٢٢
١۵. نثار بزمي — ٢۵
١٦. رحيم بخش قمر — ٢٦
١٧. مهر پروين — ٢٨
١٨. مريم مجيدي — ٢٩
١٩. نورالهديٰ شاهه — ٣٠
٢٠. عذرا جبين ميمڻ — ٣١
٢١. سوز هالائي — ٣٢
٢٢. سرفراز راڄڙ — ٣۴
٢٣. اياز گل — ٣۵
٢۴. واجد — ٣٦
٢۵. عاجز آچر — ٣٧
٢٦. راهي چنا


Gul Hayat Institute

| | |
|---|---|
| ۲۷. بشير احمد شاد | ۳۸ |
| ۲۸. ارشاد ماڪر | ۳۹ |
| ۲۹. علي نواز صابر نظاماڻي | ۴۰ |
| ۳۰. صوفي نيڀراج گمنام | ۴۱ |
| ۳۱. راشد موررائي | ۴۲ |
| ۳۲. محمد رمضان زلفي ڪمبوه | ۴۳ |
| ۳۳. عاشق هالائي | ۴۴ |
| ۳۴. شمشير الحيدري | ۴۵ |


## ڪهاڻيون


| | | |
|---|---|---|
| ۱. وندر | ـ بادل جمالي | ۴۹ |
| ۲. مان، هوءَ ۽ منهنجي زال | ـ فدا حسين بلوچ | ۵۸ |
| ۳. موت نہ تنهنجي مات ڙي | ـ فهميده بلوچ | ٦٦ |
| ۴. انسانيت | ـ ماستر هميرائي | ۷۸ |
| ۵. ماءُ | ـ موپاسان<br>سنڌيڪار: منير سولنگي | ۸۲ |


## مقالا


| | | |
|---|---|---|
| ۱. قاضي قاضن جو ڪلام | ـ سراج | ۹۱ |
| ۲. قاضي قادن (قسط ۴، آخري) | ـ ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو | ۹۸ |
| ۳. سنڌ ـ مغربي ليکڪن ۽ سياحن جي نظر ۾ | ـ ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي | ۱۰۹ |
| ۴. راڻيپور جا پير | ـ ڊاڪٽر عطامحمد حامي | ۱۳۲ |
| ۵. حضرت ميان مير سيوهاڻي قادري | ـ ڊاڪٽر سليم اختر<br>سنڌيڪار: ڊاڪٽر نوازعلي شوق | ۱۳۴ |
| ٦. تذڪره مشايخ سيوستان (سنڌي ترجمو) | ـ سيد حسام الدين راشدي | ۱۵۹ |
| ۷. سومرا قوم جو حسب نسب | ـ مير محمد بخش خان ٽالپر | ۱۸۳ |
| ●ـــ "آديسي آئي ويا، مڙهيون مون مارين" | | |
| ـــ ولي دائود پوٽو | ـ اياز گل | ۲۱۹ |
| ـــ دادن فقير | ـ سومرو محمد اسحاق راهي | ۲۲۱ |


Gul Hayat Institute

بسم الله الرحمٰن الرحيم

# گذارش

## مهراڻ جو ”مشاهير نمبر“ ۽ ”سيرت نمبر“

پڙهندڙن کي اهو ڄاڻي خوشي ٿيندي ته سنڌي ادبي بورڊ پندرهين صدي هجريءَ جي جشن ملهائڻ جي سلسلي ۾، ۱۹۸۰ع ۾ ٽماهي مهراڻ جا ٻه خاص نمبر شايع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي: (۱) مشاهير نمبر، ۽ (۲) سيرت نمبر.

مهراڻ پنهنجن پڙهندڙن کي هن کان اڳ به ڪجهه خاص نمبر ڏيئي چڪو آهي.

۱۹۵۷ع ۾ مهراڻ جو ”سوانح نمبر“ شايع ٿيو، جنهن کي سنڌي ادب ۾ هڪ منفرد ۽ يادگار مقام حاصل آهي.

۱۹۶۵ع ۾ مهراڻ جو ”ڏهسالہ نمبر“ پڌرو ٿيو، جيڪو، مهراڻ ۾ ڏهن ورهين جي عرصي دوران ڇپيل مواد مان چونڊ مضمونن جو مجموعو هو.

۱۹۶۹ع ۾ مهراڻ پنهنجن پڙهندڙن آڏو ”شاعر نمبر“ پيش ڪيو، جنهن ۾ سنڌي زبان جي تقريباً سمورن همعصر شاعرن جو ڪلام، سندن سوانح حيات ۽ تصويرن سميت، پيش ڪيل هو.

۱۹۷۶ع ۾ مهراڻ جو ”قائداعظم نمبر“ ۽ ”ڪرامي نمبر“ ۽ ۱۹۷۷ع ۾ ”علامه اقبال نمبر“ شايع ٿيا، جن کي پڙهندڙن گهڻو پسند ڪيو.

انشاءالله، هاڻي مجوزه ”مشاهير نمبر“ ۽ ”سيرت نمبر“ پڻ مهراڻ جي اڳوڻي روايت موجب نڪري نروار ٿيندا.

۲۲- نومبر ۱۹۷۹ع مطابق ۱- محرم‌الحرام، چوڏهين صدي هجريءَ جو آخري سال شروع ٿيو آهي ۽ ۱۰- نومبر ۱۹۸۰ع تي پندرهين صديءَ هجريءَ جو آغاز ٿيندو. پاڪستان سرڪار ان مبارڪ موقعي کي قومي سطح تي، وڏي اهتمام سان ملهائڻ جو اعلان ڪيو آهي ۽ ان سلسلي ۾ شايان شان ۽ باوقار پروگرام مرتب ڪيا آهن.

سنڌ کي اهو شرف حاصل آهي، جو دين اسلام جا سدا روشن ڪرڻا، برصغير ۾، سڀ کان اول، هن ئي خطي تي پيا، ۽ برصغير جي ٻين علائقن ڏي، حق ۽ سچ جي تبليغ، سنڌ مان ئي شروع ٿي.

هجري صدي جشن تقريبات جي مناسبت سان، بورڊ جي فيصلي جو تفصيل هن طرح آهي ته ”مشاهير نمبر“، چوڏهين صدي هجريءَ جي اهڙن نامور سنڌي عالمن ۽ فاضلن، ديني بزرگن ۽ روحاني رهبرن، مدبرن ۽ مفڪرن جي سوانحي خاڪن ۽ نمايان ڪارنامن جي احوال تي مشتمل هوندو، جن تي سنڌ کي بجا طور ناز حاصل آهي.

ساڳيءَ ريت، ”سيرت نمبر“ ۾ به ان ڳالهه جو خاص خيال رکيو ويندو ته پيغمبر اسلام حضور اڪرم صلي الله عليه و آله وسلم جن جي حيات طيبه ۽ سيرت متبرڪ تي دنيا جي عظيم مفڪرن ۽ عالمن جي چونڊ مقالن سان گڏ، پاڪستان ۽ سنڌ جي عالمن جا جواهر پارا خاص طور ڏنا وڃن، جيئن سنڌي پڙهندڙن کي سيرت جي موضوع تي سڀ کان سٺو مواد مهيا ٿئي.

ظاهر آهي ته مٿين ٻنهي خاص نمبرن جي شايان شان ۽ معياري اشاعت تڏهن ئي ممڪن ٿي سگهندي، جڏهن مهراڻ جا ڪرمفرما ۽ مهربان لکندڙ، اديب ۽ شاعر، پنهنجي دستوري قلمي تعاون جي شاندار روايتن کي برقرار رکندي، مهراڻ سان ڀال ڀلائيندا. اميد آهي ته اسان جا مهربان ليکڪ هميشه وانگر، مٿين ٻنهي خاص نمبرن لاءِ پنهنجا پنهنجا طبعزاد يا ترجمو ٿيل معياري مضمون ۽ مقالا وغيره جلد کان جلد اداري مهراڻ کي موڪلڻ فرمائيندا، جيئن مذڪور خاص نمبرن جي اشاعت جي بندوبست ڪرڻ ۾ اسان کي آساني ٿئي.

## مهراڻ جي وقتائتي اشاعت

مهراڻ جي اشاعت ۾ دير هڪ ڏکوئيندڙ حقيقت آهي. اسان کي پورو پورو احساس آهي ته مهراڻ جو وقت اندر پڌرو نه ٿيڻ، مهراڻ جي آجري دامن تي هڪ داغ آهي. انهيءَ صاف گوئيءَ ۽ اعتراف حقيقت جي برجسته اظهار ڪرڻ مان اسان جي مُراد اها هرگز ناهي، ته اسان پنهنجي ڪوتاهيءَ لاءِ ڪو جواز پيدا ڪريون. اسان پنهنجي ڪمي بيشيءَ جو پورو پورو احساس رکندي، پڙهندڙن کي اهو اطمينان ڏيارڻ گهرون ٿا ته انشاءالله آئنده کين مهراڻ جي دير سان اشاعت جي شڪايت نه رهندي. — ناشاد

---



Gul Hayat Institute

# شاعري

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

•

ڏکن جا سال وسري ويا ڏکن جا ڏم لٿا وسرن،
خوشيون سڀ خير سان وسري ويون پر غم لٿا وسرن.

جيئاريو جان جو ۽ روح جي راحت هيا جيڪي،
آهي همدرد منهنجا، حال جا محرم لٿا وسرن.

رهائيون روح جون جن سان ڪيوسين قرب و الفت ۾،
هيا جيڪي هميشه همقدم همدم لٿا وسرن.

وسالهيون هيون جا برهه جي برسات هي اکڙيون،
آهي بادل آهي ٻولڙون آهي آڳم لٿا وسرن.

ڪڙي ڦاٿو ڪيو دل جو ٻکي جن دام ٺهنجي ۾،
آهي زلفن جا رخ جا خال خط ۽ خم لٿا وسرن.

مزي ۽ موج واريون محفلون سڀ خواب ٿيون ليڪن،
ڪم جيڪي جدائي ۾ آهي ساٿم لٿا وسرن.

وفائن ڪي جيلا بخشش جي خاطر دل جي زخمن لي،
هتن ساڻ لڙڻ ٻڙڪي جن ڪئي مرهم لٿا وسرن.

جواني جوڻ ۽ پيريءَ جون سموريون گردشون وسريون،
پيالا پرت جا جي پيار سان پيتم لٿا وسرن.

سمورا سُور دلين جا ويا ڪافور ٿي حاسي،
مگر مون کان محبت جا وفا جا غم لٿا وسرن.

Gul Hayat Institute



تنوير عباسي

نظم

درد ئي آهي مسيحا
تم باذلي جئي اڻاري
تو ڪئي مردا جياري
درد پيغمبر،
الهي جو معجزو آهي سجاڳي.
*
لنبا آهي پيڻ موت جي
لوليون ڏيئي سمهاري
اسرلدڙ قومن جا پار
ڪي ڳهرجن، لنبا ڪن ڪي
ڪي وڃن سڪرات ۾
موت جهڙيءَ سالت ۾.
*
درد هڪڙو شور
چڻ ڪو رعد جو رڙڪو هجي
پات اوله ۾
جيئن مظلوم جي ڪا چيٽ
جنهن سان
ڳهريل
لنبا ۾ ستل
سڪرات ۾ ورتل
مئل قومون
چرڪ سان جاڳي پون
تم باذلي جي پڌڻ.

Gul Hayat Institute

## سليم ڳاڙهوي

غزل

منهنجي من جا سُرور موتي اچ!
نُور، ليڙن جا نُور موتي اچ!

سر ۾ سرجن ٿا سُور، موتي اچ!
دل ۾ ٻلجن ٿا ٻُور، موتي اچ!

تنهنجي دوري سهاڳ جي دوري،
وڃ نہ دلدار دور، موتي اچ!

زندگاني‌ءَ کي زيب ڏيڻي وچ،
موٽ، منهنجا حضور، موتي اچ!

چاڪ ٿيندا چراغ سيني جا،
معاف ڪر سڀ قصور، موتي اچ!

اڄ بہ تارن تي گل ٽڙيا آهن،
ڏس تہ ٻيرن تي ٻُور، موتي اچ!

طبع ڪنهن جي سليم ٿي ويندي،
شعر خاطر شعور، موتي اچ!

پرت جا پَر ڪري پَري ڀڄي،
منهنجي جنت جي حُور، موتي اچ!

●

زندگي اهڙي طرح ڳائي رهي،
ڄڻ تہ ڪائي حُور ڳالهائي رهي!

هير لامن کي هلايو هيج سان،
ڄڻ پري ڪا پير چمڪائي رهي!

هو تہ ڏس، فطرت ڪنواري ڍلڪ سان،
پرت جي پوشاڪ کي پائي رهي!

گيت ۾ خوش ٿي تنوارن ٿا تتر،
سرهن پڻ سُرهاڻ ڇڻڪائي رهي!

نازبو رابيل ورهنجي ٿيا اهال،
پُوري به ٿي نُور برسائي رهي!

وڄ وراڪا ٿي ڪري اهڙي طرح،
ڇوڪري ڄڻ ڪائي شرمائي رهي!

ڪنهن جي رحمت ۽ عنايت جي نظر،
زندگي‌ءَ جو راز سمجهائي رهي!

Gul Hayat Institute

## حافظ احسن چنا

(1)

عشق کي استاد وَرتو جنهن ڏاڍو سک جو سبق،
دل جي جنهن ڪوڙي دري، روشن ڪيا چوڏهن طبق.
جنهن پڙهيو هرت مان هڪڙو الف جو بس اکر،
دل تان دفتر ميٽجي ويا، ياد ناهي ڪو ورق.

(2)

عشق رهبر جنهن جو ٿيو، آن ورتي راهِ مستقيم،
تار تن ۾ يار جي، مطلوب جي دل ۾ طلب،
حق موجود آهه هرجا، غير جو ڪوٺي وجود،
اسم ذاتي دل، زبان تي وِرد جنهن کي روز شب.

(3)

ذرا چشمِ حقيقت کول، هستي جو تماشو ڪر،
فنا جو رازدان بنجي بقا سان آشنا ٿي وڃ.
جفاءِ دوست کي ٻي انتهاءِ لطف تون ڄاڻج،
محبت تنهنجو شيوو آ، تون پابندِ وفا ٿي وڃ.

(4)

جهان جو ذره ذره توکي ٿي تعليم ڏيئي ٿو.
تہ تون سيماب جي صورت سڪونِ آشنا ٿي وڃ.
هيءَ رکندي توکي خود بيني بہ ڪيسين محوِ آرائش،
خودي کي ڇڏ اڙي غافل تون تصويرِ فنا ٿي وڃ.

●

## عنايت بلوچ

غزل

اسان هڪ گهڙي هن سان گهاري ڇڏيو،
سدا ٻخت پنهنجو سنواري ڇڏيو.

ڏسي حسن کي، هوش ٿو ڪيئن رهي، — اسان کي ته ماڻن ئي ماري ڇڏيو.
ٽڙي دل جي مُکڙي ٿي ٻهڪي پوي، — جڏهن ناز مان ٿا نهاري ڇڏيو.
فقط هڪڙي اقرار، انڪار سان، — جياري ڇڏيو ٿا يا ماري ڇڏيو.
نه آئين نه آئين ڪري واعدا، — اگر هر دفعي مون پڃاري ڇڏيو.
ڇڏيون ڇو وڃو ٿا هيتي هيڪلو، — ٿا سهڻا پلا ڪنهن سهاري ڇڏيو.
ڪريو ڪهُور سان ڪهاوَ ڪيترا، — اها پنهنجي عادت وساري ڇڏيو.
دُکيل ڇنگ ڪافي نه آهي ته پوءِ، — پلي ٻرهه جي باهه ٻاري ڇڏيو.

## تاجل بيوس

غزل

تون رهين ساگو آهولي اجنبي،
مون ڪئي قربان توتان زندگي.

تون ٿڪل آهين، وڃين آرام ڪر، — منهنجي پيرن هيٺ رهندي ڏرتتي.
زندگيءَ ۾ جا نه تي توکي نصيب، — موت سا مون کي ڏني ويو روشني.
ليٽ سا منهنجو مُڪائيندي پکهرُ، — هيرَ جا هُن ٻار ڪان ايندي ٿڏي.
مون حقن جي ڳالهه ٿي هُن سان ڪئي، — تون ڪٿان آئين! ٿئين ڇو ٿو لچي؟
ڪا ته اڪ ٻوٽي آتي آ لنڊ سان، — ڏور، هُن گهر ۾ تي ٽڪي ٻاهر، ڙي.
نا اميد بون تو ڏليون ان تورپون، — سون مڇيو قبلا! ٻراٻر آن سخي.

Gul Hayat Institute

## تاج جويو

آزاد نظم

### سوجهرو

ڪاتڻ ڏئي،
لات تي،
ڪو تہ جُڳنو جلي
ساهہ پنهنجو ڏئي.
وتڻ ريٽو رجيي
ڦيل جو ڪم ڏئي،
ڏيهہ سارو ٿئي
سوجهرو۔سوجهرو!
جڳمڳ جوت ۾
قافلو
واٽ سچ جي وٺي
اڳتي وڌندو رهي.
وَکَ وتري وجهي
هي هنڌهيون ڪنڌ جونْ
پاپر بون
سپ لتاڙي وجي.
واهہ جا پُرخطر پيچرا
پار سارا ڪري
ڇ رسي ساڳ تي دم پٽي!
ڪو تہ جُڳنو جلي،
لات تي ڪاتڻ ڏئي
ڏيهہ سارو ٿئي
سوجهرو۔سوجهرو!

●

## خاڪي جويو

غزل

لئين لينهن جا لاد لالڳن وڄايا،
سوبن گيت، سنگيت جي سُر سڄايا!

اها ڇير، ڇوريءَ ڪٿان آهہ آندي،
لئين لسل جا لينگرا جنهن لڄايا؟

اسان جي عمر ۾ ڪڏهن اڳ نہ اهڙا،
ڪا ٿالوَ آويءَ پنهنجا پڄايا!

ڇلهن ستَ چاڙهي، ڪئين ڏينهن ڪاڙهي،
مٺي ماڻ سوڪيءَ ستارا مڇايا!

ڏين ڏيهہ ڪي سير، سوين سورلن۔وَرَ،
ڇهن تي جڏهن پي اسان چنگ چايا!

●

لينهن تنهنجي اسان ڪي لهوڙي وڏو،
ٿار ڀانيءَ ۾ جڻ تہ ٻوڙي وڏا!

ڪوهہ ڪڙ تيل لڪتو نہ پڙا منجهان،
هي ٿلهو پاڻ پاڻي ولوڙي ڇڏيو!

ڀاڻ اهڙيءَ طرح سان آسا ڦرلدا وتون،
ڪورڻ ڪوڍ ورڻ ڪنهن جڻ تہ چوڙي وڏا!

خيال خاڪي پرالا پُنهرا ڪري،
ڦار پنهنجو جهان پاڻ جوڙي وڏا!

## عبدالڪريم پلي

## گيت

مون تان لهڻ نه ڪَنُ ٻنهنجا، تون مون تان لهڻ نه ڪَنُ،
ٻنهنجي اکين جي چالوءَ ۾ عمر جون گهڙيون ڏِينُ ڪَنُ.

آئون ازل جو اڃايل، ۽ ڪورَڻ جو هُنُ ڪالتيل،
وِس ٻجنئي تـ ٻنا موسم وس مون تي ٿئي ساوڻ.

تون نہ ٻري ٿي، مون ڪان لو ۾، منهنجو آهي ساهُ،
لوڪُ جليو جيڪر لُو جلي تان، بيشڪ ڏِينسُ جلڻُ.

زورُ هلڻيرُ ته ساه ۾ توڪي هنُوله سمائي ڇڏيان،
دُنيا زور ٻئي ٻو لائي هرگز ڏِيئين نہ ڏِسڻُ.

ٻاراتڻ جون لنيڙيون رِيسوڻ، ۽ لنيڙيون خُوشيون،
لهڻ وسن ٿـا اوهـيرن جيئن ساري سـو لنيئن.

جي پُلجي ٻ اکيُون ڦيرايتي ته ٻ هي جاڻي ڇڏ،
ڪون ڪريم جو ڪنهن ٻ ٿينه و توکان ڌار جيڻُ.



## شيخ عبدالرزاق راز

تنهنجي روداد وفا ياد آئي،
هر گهڙيءَ پنهنجي قضا ياد آئي.

رات گذري سموري دانهن ۾
صبح دم پنهنجي صدا ياد آئي.

هي پڌي رنگ محل جا نغما،
فقر و فاقہ جي قبا ياد آئي.

اڄ فنا جو مقام گذريو آ،
پنهنجي روداد بقا ياد آئي.

تنهنجي هيءَ عشرہ گري راهزني،
تنهنجي عادت ۽ ادا ياد آئي.

اڄ مسيحا جي جستجو ۾ پيو،
اڳلي تجديد وفا ياد آئي.

اڄ چيوسي هليا ٻه ويندا سي،
ٻر عجيبن کي دعا ياد آئي.

●

## غزل

عمر ساري عذاب ۾ گذري،
دلبرن جي عتاب ۾ گذري.

گلستان ۾ رات ڏينهن ڦرندي،
زندگي جڻ سراب ۾ گذري.

مون تہ سمجهيو هو زندگي سقلي،
گذري ويئي ڪنهن ڪتاب ۾ گذري.

رهگذارن جي ڳالهہ ڇا چئجي،
يادگيري عذاب ۾ گذري.

ڪجهہ نہ سمجهيو سي رات جو ساقي،
رات ساري حجاب ۾ گذري.

ڪجهہ پڙهيو سي پڙهي ڏنو سي پي،
زندگاني حساب ۾ گذري.

هي حياتي حيا شرم واري،
عمر ساري حجاب ۾ گذري.

●

Gul Hayat Institute

## نواز علي شوق — غزل

ڪوڙها سڏڪا سور مصيبت،
ڪوہ نہ سمجهي، ڪوہ نہ ڄاڻي.
نہ ڪنهن جو مقدّر، ڪنهن جي قسمت،
ڪوہ نہ سمجهي، ڪوہ نہ ڄاڻي.

ڪنهن سان منهنجي ڪيئن ٿي الفت، ڪوہ نہ سمجهي، ڪوہ نہ ڄاڻي،
دل کي موهيو صورت، سيرت، ڪوہ نہ سمجهي، ڪوہ نہ ڄاڻي.

مٺڙو مٺڙو سور ڏنو تو، دنيا کان جنہن دور ڪيو تو،
دلبر دل جي درد جي لذّت، ڪوہ نہ سمجهي، ڪوہ نہ ڄاڻي.

پرت منجهان تو پير کهمائين، مهر و ڪرم آ مون سان بيحد،
تنهنجي نوازش، تنهنجي عنايت، ڪوہ نہ سمجهي، ڪوہ نہ ڄاڻي.

آشائن جا خون ٿين ٿا، شاهد جنهن جي آهہ شفق ٿي،
گهايل آس ۽ زخمي حسرت، ڪوہ نہ سمجهي، ڪوہ نہ ڄاڻي.

مجبورين مجبور ڪيو ۽ لاچارين لاچار ڪيو آه!
دل جي تمنا، دل جي حسرت، ڪوہ نہ سمجهي، ڪوہ نہ ڄاڻي.

تون ئي منهنجي دل جي ڌڙڪن، تنهنجو ساٿ سهارو آهي،
زندہ آهيان تنهنجي بدولت، ڪوہ نہ سمجهي، ڪوہ نہ ڄاڻي.

سورن منهنجي سار لڌي آ، پورن مون سان پيار ڪيو آ،
ڏينهن ڏکن ۾ رات مصيبت، ڪوہ نہ سمجهي، ڪوہ نہ ڄاڻي.

تنهنجي در جو خادم آهيان، تنهنجو آهيان، تنهنجو رهندس،
منهنجي محبت، منهنجي عقيدت، ڪوہ نہ سمجهي، ڪوہ نہ ڄاڻي.

●

Gul Hayat Institute

## نثار بزمي — غزل

ريشمي زلفن کي ٻاسي ڪنهن جڏهن رخ تان ڪيو،
منهن ڍڪي پنهنجو ٻه ڪامل وٺي دانهون ڪيون.

بي گناهيءَ جي سزا تاثير کان خالي نه وئي،
ڦٿڪندو مون کي ڏسي قاتل وٺي دانهون ڪيون.

ٿي ٻڏي 'سهڻي' جڏهن محشر مچي ويو هو تڏهن،
سڏ ڪري 'ساهڙ' کي ٻو ساحل وٺي دانهون ڪيون.

عشق حضرت عقل جي گردن وري ٽوڙي وڌي،
هار هڻ تي پوءِ هر عاقل وٺي دانهون ڪيون.

جن کي اڳ ۾ ٿي گهٽو هو تن کي سڀڪجهه ويو ملي،
عدل هھڙي تي سچي سائل وٺي دانهون ڪيون.

پنهنجي جذبي کي اٿاريم ننڊ مان ڌوڏي جڏهن،
غور سان مون ڏي ڏسي غافل وٺي دانهون ڪيون.

دل زبان کان دور آهي فاصلو آهي وڏو،
قول ٿوري قرب جي قائل وٺي دانهون ڪيون.

مون چيو هن کان ٻچان ڪاڏي وڃي ٿو، ڪير آهه،
پر پڇي مون کان پري جاهل وٺي دانهون ڪيون.

حق ويچارو هٺي ڇا عام ٻڌي حال تي،
پو ٻه منصف وٽ وڃي باطل وٺي دانهون ڪيون.

●

# هي گلزار فردوس ٿي سنڌ ساري

وسايا وري مينهن واحدا! وطن تي، ڦٽا ڦوڪ ساوا، پيلارا پٽن تي،
زمين سبز پوشاڪ پاتي بدن تي، آٿي ڪن ولوڙا، ڀنواريون ٻڌن تي؛
اٿا مينهن قادر ڪئي قربداري:
هي گلزار فردوس ٿي سنڌ ساري!

اٿي ابر باران ڪرم سان ڪڪر مان، اچي بوند بر سان، ٿڌي هير ٿر مان،
رسي روح راحت، چڻي ۽ ڇپر مان، ڪنهيون ڪيت ڪائن، پٽي ٿا ٻڌر مان؛
ڪتوريءَ ڪان خوشتر، وڻي دل کي واري:
هي گلزار فردوس ٿي سنڌ ساري!

رهاڻيون رلي خوب ريدار ڪن ٿا، ٽڙن تي ٽنوارون سي تڪرار ڪن ٿا،
مزيدار گفتار، ميهار ڪن ٿا، چڙا، صبح ۽ شام چونگار ڪن ٿا؛
ڏرن ۾ ٿي ٿاڌل، ٻرن ۾ بهاري:
هي گلزار فردوس ٿي سنڌ ساري!

نه ورچن ڪڏهن ڪير، ڏولرن لسين مان، وڻون ٿا وڻن خوب ٻيرن ٻُسين مان،
نه چائن ٿا چالديءَ جي پيالن، ٻَسين مان، ٻُڪن مان ٻين ٻاڪ ٻاڻي ڪسين مان؛
هميشه هتي ٿي عجب آبياري:
هي گلزار فردوس ٿي سنڌ ساري!

سدا موج مستيءَ ۾ ’مهراڻ‘ آهي، ۽ ’منڇر‘ به ٿي پنهنجو مٿ پاڻ آهي،
ڪهو واه! ’ڪينجهر‘ به ڪلياڻ آهي، ٻرن ۾ ٿي ساوڪ جي سرهاڻ آهي؛
جوئر، باجهري، تر، ٿئي سرانهن ساري:
هي گلزار فردوس ٿي سنڌ ساري!

## مهر پروين

كافيون

آهٔ جاني جيءَ جيار، ڏي سڪابل کي سهارو.

ڏينهن ٻاڻي آهه ڇمار، اڱين نه مٺڙا مون کي مار،
اڄ کهڙيون گذجي گذار، ڏي سڪايل کي سهارو.

دل آ شيشي جيئن يار، ان کي ٽوڙي نه ڪر ڌار،
هٿ رکي هينئڙي جا ٺار، ڏي سڪايل کي سهارو.

ڪر نه ڪاماڻيءَ جي ڪار، ڳالهه ڪي ويچار يار،
اپڻي نه مون کان دور کهار، ڏي سڪايل کي سهارو.

ميٺ مڏاهون من جا ٺار، اڄ گڏجي گوڏي وهار،
مهر سان ڪر ڪو پيار، ڏي سڪايل کي سهارو.

*

توکي ساري سهڻا سائين، دل ڪري ٿي دانهون،
وڃهي وڇوڙي ويهه نه هرگز، مون کان ٻرين ٻراهون!

توکي ساري ٻوڪاري، قرب سان ڪريان ڪاهون،
ڳوڙها ڳاڙي، منجهون هاري، روز لهاريان راهون!

کولي آهيان تنهنجي دل جي، ٻڌيون آهم ٻانهون،
سوال سٺي تون ساجن منهنجا، موٽ ٻرين اڄ ٻاهون!

لڙڪ وهائي ڦاٽون ٻاڻي، مهر ڪري ٿي آهون،
تو ڌاران ”پروين“ جون ڪولهي وارث ٻين ڪي واهون!

●

Gul Hayat Institute

## مريم مجيدي

## غزل

تڪا وقت ڪان پي ورهه وهڪرا،
ڏين ڇوه مان ڇال ٽا ڇيڳرا.

سڻهون سڻهه سو ٻر جيئون سرڪ ٽي،
ڏڪن ۾ ڪهي ڦا ڦيون مٺيرا.

اسان ڇيءَ جڙيو ٻرين ڀاڻ آ،
ٻچون ٻنڌ ٻوءِ ڇو ٻسون ٻچرا؟

ڪٺي رات آئـي ٻرهه ٻانڌ ۾،
اجهو جوت جاڳي ٽـمـا ترورا.

سڙي رڪ ڦيون ٽا ٻرون ٽا وري،
ڏيڻ ڪاڻ جڳ ڪي لوان سوجهرا.

لـه جهليا لـه پليا اسان ڪان آلا،
هـٺـا هـاءِ! جـذبـا ٻنهه اولٽرا.

رڳو مان اڪيلي لـه آهيان پٽلي،
زمـالـي ۾ پـتـڪـن ٻـيـا ڪيترا.

●

ميڙا ميڙا جيئون سارو،
ساهه سنوارٻل روح آڌارو.

ٻارهو من آمامن اولداهو،
چمڪي چنڊ لـه ڪوئي تارو.

سپنو ڇا ۽ سايبان ڇا هي؟
لـڙهـڻ نينهان ٻوه سيارو.

عشق ازل ڪان ارڏو ٻنجي،
چلي سدائين ڏک جو چارو.

پريت وڪيري سچ جان ٻاڪون،
چاهه اسان جو جر جهالارو.

مائهو ڊول سيٺي پـر آ،
لينهن ٺيائيندڙ هاڪارو.

مهيزون ۽ مهـٺـا ٻل ٻل،
ٻنهنجو ٻٽرن ساڻ ٻنارو.

چاڙ جياٻو جالـي وجـبو،
ڪو جو ٻڌچي ٻول ٻيارو.

●

Gul Hayat Institute

نورالهديٰ شاهه نظم

## رات جو رقص

رات جو وحشي رقص
۽ رات جي پالهڻ ۾
آءٌ تنها
رقص ٿي ڪيان

رات جو ڪارو نانگ
منهنجي لڙي کهنيءَ تو وڃي
لنڊ لڪر جا سيئي شهزادا
مون ڪاڻ رسي ويا آهن
دوستو، آءٌ هجر جي تنها رات آهيان

ٻنهه ڪمري ۾
الساڻي رت جي ٻاس
منهنجو ئي رت آهي
جيڪو آهي ايڏو اداس

جهول ڪٽ تي
آءٌ رقص ڪيان ٿي
رات جو رقص
لنڊ جو رقص
آلاهين ۾ لظر اينڊ ٿ
پرانئين خوابن جو رقص

آءٌ —
ڪاري رات جي
نانگڻ آهيان
آءٌ هر رات جي موت تي
ماتم ٿي ڪيان
رقص ٿي ڪيان



Gul Hayat Institute

عذرا جبين ميمڻ

چُپ رهو،
سڪوت ۾ رهو،
چنڊ ۽ تارو...!
چُپ جي قدمن سان
وک وڌائي پنهنجي پنهنجي
ماڳ وڃي ماٺيو—،
مون چيو،
پنهنجي اڱڙي، وياڪل من کي
ڏُتاري،
اجهو اهاڻ هاڻ پرياءُ آهي
من لڳري ۾ مس
حالت آئي آهي،
من جي جاڳي پولهڻ،—
تہ ڪيئن ڪندو،
۽ چوندو:
مون کي سڀئي تارا گهرجن،
مون کي پيارو چنڊ کپي!

●

وڇڙيو ديس،
آڌا ڏولڪر،
اوپرا پيچرا،
منجهيل راهه،
۽ پير لڙون!
جيون جي جيوت ڪارڻ
هلندي رهيس،
اوپرن پيچرن تي،
نظر آيا انسالي چهرا،
جن جا هٿا من دولهائيل،
من جا ڪوجها،
ڏيک جا آجرا،
الهڙ جن جي هو فريب،
۽ هٿي ياهران منڙي پولي،
تن آڌو جهلي مون،
پيار لئہ جهولي!

●

سوز هالائي

گيت

وصل ورڻ جي سونهي آئي،
پر نہ تون موٽين ڪرهو ڪڏائي.

ڪاڪ ڪڪوري ڪنول ڪڙي پئا،
ليمري لپ تي نيڙو نڙي پئا،
رات روئي ۽ راڻو ڳائي،
پر نہ تون موٽين ڪرهو ڪڏائي.

اوسيئڙن جا ديپ اجهايم،
آشائن جي جوت جلايم،
پرهه ڦٽي وئي جهاتيون پائي،
پر نہ تون موٽين ڪرهو ڪڏائي.

توريءَ آهن امڙن آتيون،
الگ لڙهن ۽ چرڪن ڇاتيون،
ليڪن ڇڏيا لڙڪ لڪائي،
پر نہ تون موٽين ڪرهو ڪڏائي.

سوڍل ساريو ساريو توکي،
رات ڪئي ويٺس راڻل روڪي،
تارن کي ڇڏيم ترسائي،
پر نہ تون موٽين ڪرهو ڪڏائي.

راڻل ڪهڙي ريت رهائين،
ڪنهن ڏائڻ جي ڏاوڻ ڏائين،
سومل وڃي پار پڄائي،
پر نہ تون موٽين ڪرهو ڪڏائي.



Gul Hayat Institute

سرفراز راڄڙ

گيت

ڪو واءُ وري،
ڪو واءُ وري.
پرين منهنجا ڪڏهن،
اڱڻ ايندا تڏهن،
دل منهنجي ٺري،
ڪو واءُ وري،
ڪو واءُ وري.
تنهنجي ڏسندي مٺا،
سور سڀ ها لٿا،
منهنجو سڻ پيو ڪري،
ڪو واءُ وري،
ڪو واءُ وري.
منهنجون سڀ ئي خوشيون،
توتان گهور ٿيون،
هاڻي تيءُ نه پري،
ڪو واءُ وري،
ڪو واءُ وري.

●

وائي

واٽن تي اڄ ڪي،
ڏيئا ٻاريا ڪوهه مون.
ويٺا جيڪي مور نه وريا،
ياد پيا آيم سي،
ڏيئا ٻاريا ڪوهه مون.
سالهي صبحون ڪيترئون،
لنگهي ويئون پي،
ڏيئا ٻاريا ڪوهه مون.
جيڪي ڳذريو جيءَ تي،
احوال پرين ڏي،
ڏيئا ٻاريا ڪوهه مون.

Gul Hayat Institute

غزل

## اياز گل

ڪنهن کي سارڻ جو آهڃاڻ
لاسي اکڙين ۾ آلاڻ

پَهڻ اوهانجو چوڏهينءَ - چنڊ
بادلَ ۾ ململ جو پَهراڻ

سچ ته ڏاڍا گهايل آهيون
جڪَ امان تي تيرَ اِهي تاڻ

جيڏو ماڻهو سمجهن ٿا
ايڏو ناهيان مان الڄاڻ

تنهنجن ڪپڙن ۾ خوشبوءِ
سنهنجين سوچن ۾ سرهاڻ

ڪنهن وڏي ڏاهي جا قول
تنهنجون ڳالهيون، سنهنجي ڪاڻ

تنهنجي سڏ ۾ سڏ ڏيندس
ڌرتي! مون کي ڏار نه ڄاڻ.

•

اياز آهي، اداسيون ۽ تنهايون هن
روئي راتيون، ٿئي سڌايون هن

ذهن ۾ آهي جاڻ لڳو، تنهنجون
بيوفايون جي يادِ آيون هن

سنهنجون ڳالهيون ٻڌي ۽ لڙڪ ڏسي
تو چو چريا! اکيون پڇايون هن؟

جيڪي انسانيت سان پيار ٿا ڪن
ان جون ٿي زندگيون سجايون هن

راتِ ڪاري اچا ڪڻي لاهي
تو چو ڏِيانيون اکيون اڇايون هن؟

ايئرڪنڊيشن ۾ هيٺين طبقي جون
وهي ڪيل ڳالهڙيون اجايون هن

دس ڪي ڪيئن ٿا ڀلائي سکهون
جنهن جون ڀلجن جون نه ڀلايون هن.

**واجد**

## گيت

ڪيرا ڏور وڃي ڪر لات
درد ڀري هيءَ لات سٺي
جهُري ٻوي ٿي من محلات
ڪيرا ڏور وڃي ڪر لات

آءٌ چاهيان ٿو اڄ ڪا سالت
ڪنهنجي يادن ڪي ساري
ليٽڻ ۾ ڪاٽهندس رات
ڪيرا ڏور وڃي ڪر لات

هر پل مون لئه آهي مات
منجهند ويـر اڪيلو آءٌ
تن ۾ ڪنهنجي آهي تات
ڪيرا ڏور وڃي ڪر لات

مون ڪي آهي هڪ ٻرين!
دل ۾ ساريندي سپرين
تون ٻہ ڪنه ين هولدين ڪات
ڪيرا ڏور وڃي ڪر لات
ڪيرا ڏور وڃي ڪر لات.

## غزل

جنهن سان اکيون اڙليون آهن
تنهن جون ڳالهيون وڻنديون آهن

جيءَ ۾ جنهن جي جام آ جڙلدي
تنهن لئه اکڙيون رئنديون آهن

پيار لٺو سک سالت ۾ ڀلجي
راهه ۾ ٻاهيون ٻرليون آهن

ڪنهن جي ڏور ٿيڻ سان من ۾
آس جون ارڙيون جلنديون آهن

ڪيڏو ٻيار لڪايئي ليڪن
اکيون راز الـنديون آهن

آدرشن جون وسنڌڙ واديون
اڪ ڪلڻ سان سڙليون آهن

ٻيار لپائڻ واريون واجد!
رڃ ۾ اٿين ٿي رلديون آهن.

Gul Hayat Institute

## عاجز اُجڻ — وايون

تـو بن ڪهڙي عيد او سائين، تو بن ڪهڙي عيد.

تنهنجيون راهون روز نهاري، ڏندلي ٿـي وئـي ديـد،
او سائين تو بن ڪهڙي عيد.

آءُ تـہ ڳراهنيون پـائـي ڪهاريـون، ساعت هـيءَ سعيد،
او سائين تو بن ڪهڙي عيد.

رنـج رسـامـا ڪين نـهـن ٺـا، محبت منجهہ مـزيـد،
او سائين تو بن ڪهڙي عيد.

تـو لئہ اکڙيـون آتيون رهنديون، سـرٺـا سـوت بعيد،
او سائين تو بن ڪهڙي عيد.

آئون تہ اوهان جـي عـاجـز آهيان، پالهي سَلهہ خريد،
او سائين تو بن ڪهڙي عيد.

●

منهنجو سڄڻ چـوڏهـيـنءَ جو چـنـڊُ،
جيسُ لـہ جنهن جـو، جڳـ سـجي م.

ڪـلـٺِـي چنهن جي گلقند جهڙي، مُرڪ بہ مصري ڪـنـڊُ.
محب مٺي ڪـي آهـي پنهنجي ڪهورن تـي تـہ گهمنڊُ.
اـاز ادا سان مـُشڪي دل تـي، محب هڻن ٿـا مـنـڊُ.
واعظ مولڪي يـار ڏمـڻ ڏي، راهـہ لـہ منهنجي رلـڊُ.
سور سهڻ لـئـہ عـاجـز ڪهرجي، سينو ڪوٺـي سمـنـڊُ.
جيسُ لـہ چنهنجو، جڳ سجي م.

## راهي چنا — غزل

آسون پنهنجون چڻ الگاس،
پنهنجا ڦول ٻه ڦيا ٻن واس.

ياڪ جي آهي ٻازي ٻار،
پنهنجو ڏينهن ۽ رات آوماس.

خالي خالي پنهنجو جهول،
ڪنڌر جهڙا ليڻ آداس.

وحشي هن سنسار ۾ سائين!
مائهو ڪائي مائهوءَ ماس.

پل پل پنهنجو چنتا چاهت،
پنهنجي سهائون آس ليراس.

پيار جا دشمن ڀاڄي آهن،
پنهنجي راهن ۾ راڪاس.

## بشير احمد شاد — وائي

اکڙين جو ڪشڪول،
جهليو مون اکڙين جو ڪشڪول.

ٻيجل واري سڄڻ ته ڪاهي، ٻول ٻه تني اس ٻول.

هيرا موتي ڪوڙ مڳان، هت ڪنڪر پيي امول.

آس اڙاس نه ڪر او، سائين، ايئن نه رڻ ۾ رول.

تنهنجو 'شاد' سوالي تو دَر، خالي آهي جهول.

# آڇ

سنهنجا محبوب اڄان رات تي جوڀن آهي،
آ اڃا راهه تي ڪارنهن جي چادر تاڻيل،
ٻنهنجي جذبن تي اڃا آهه حجابن جي زنجير،
ڪا گهڙي ترس ته تارا ٿين وچائن ٻاڻل.

اڄ ته رسمن جي غلامي کان هي آزاد ڪهڙيون،
ڪجهه ته جذبات جي ساگر ۾ ٿي لڙهندي ڪهاريون،
اڄ ته ماحول ٻيو آ سور ۾ وهنتل سارو،
آ ته من ڏيهه ۾ ڪو ذات جو ٻنيٽ ٻاريون.

ذڪر بيسود آ تقدير جي زخمن جو ٻرن،
دل جي هر زخم ڪي آ پيار جي چالباڻ ڏيون،
آ ته ڪجهه دير ٻڙانيون ڏيئي ڪي لڙڪ جهڻي،
ساري سنسار ڪي ڪا لينهن جي سُرهاڻ ڏيون.

سور اورڻ جو ته سپنا ٿي سهارو آهن،
اڄ ته ڪي گيت محبت جا لکون ڳايون اچون،
سُک جي ساعت ڪي هلي آ ته امرتا بخشيون،
آ ته صدين جي جدائي جي عذابن کان بچون.

هي سچو شهر خمرشان جي وري چاڪي ٿيو،
پوءِ وڇوڙي جو سفر تون ٻه ٿـلڪـ جهاڳي سگهندئين،
مان ٻه ڪنهن آخري تاري چيان ڪر لي وهندس،
تون ٻه سنڌڙي جيان دودي لئي صديون سڪندئين.

●

راشد موراڻي

## غزل

پرهڻ ورتي گلن ۾، ميرن جهنگن ۾ پناهه،
ڪين ساٿيءَ کي ملي ٿي، هاڻ ساٿين ۾ پناهه.

شل حسينن کي اوهي ڪو رحم، راضي ٿي پون،
من وٺن موراڻيءَ مورن کان سهڻن ۾ پناهه.

منهنجي منڙي يار جي اڄ مُنهن مبارڪ کي ڏسي،
شرم کان آ چنڊ ورتي، ڏس ته ڪڪرن ۾ پناهه.

ڏاڍ کان ڏم جي زماني جي غمن کان تنگ ٿي،
خيال سهڻيءَ جي وچي ورتي آ ڪرڪن ۾ پناهه.

درد جي لشڪر ڏکي نيڻن مان ڳوڙهن کي ڪڍيو،
ڊوڙندا اچيو وٺن ٿا منهنجي دامن ۾ پناهه.

شوق ۾ گلڙن چمڻ جي، دربدر ڀٽڪندي رهي،
ليڪ بلبل آهه ورتي هاڻ ڪنڊن ۾ پناهه.

سُور ڌرتيءَ جا سهي، سُک چنڊ تارن ۾ نه ڳول!
ڪر اچي تڪير متي، وٺ منهنجي تارن ۾ پناهه.

ڳالهه ڪرڻي هئي اثر واري طريقي سان تڏهن،
خيال جي اظهار ورتي، شعر جي فن ۾ پناهه.

زندگي پر آءٌ رهندس راشدا! ٿو رالتو،
درد دل منهنجي وتي آ، تنهنجي شعرن ۾ پناهه.

●



Gul Hayat Institute

عاشق هالائي

## وائي

پل پل پيڙا پور، ساعت ساعت سور سمائين.

عشق تنهنجي جي آهي عنايت، ڪنهن جو ناهي قصور.
صدما سور به سهڻا پيڙا، جو به مليو منظور.
سج چنڊ تارا ڪيترن آڏو، تنهن جو مٽ نه سُور.
شيشي جهڙي نازڪ دل ٿي، ٿي پيئي چڪنا چُور.
چاهه مان چاهيو عاشق جنهن کي، دلبر سو ٿيو دُور

## گيت

منهنجا گيت آڇايل، تو بن مهڻا سالول.

ساز نه آهن سرتل، سُر ٿا لاهن پرتل،
سُڏڪي پيئي هايل، تو بن مهڻا سالول.

ساوڻ آ من ڀاوڻ، منهنجي ليکي ٻن چڻ،
آهي آس اڃهائل، تو بن مهڻا سالول.

چالدوڪي ۾ جوڀن، راس نه آيا تو بن،
تن من آهي گهايل، تو بن مهڻا سالول.

ڪاڪ ڪڪوريل آهي، سيج سجايل آهي،
رات رهي وڃ رائل، تو بن مهڻا سالول.

جو دم دور رهيا جي، سو دم جاڙ جياسي،
"عاشق" بارا ٻاڪل، تو بن مهڻا سالول.

شمشيرالحيدري گيت

# جبل جو وسڪارو

**جبل مٿي جهڙ ڙي چورا، جبل مٿي جهڙا**

جهڙ ته ساوڻ ڪنهن جهوري ڙي سجڻ،
وار ته ڇڏيا سون ڇوڙي ڙي ڍولڻ -
منهن ڏسي تون مٺڙا او جاني...

ڪتان ڙي آيا ڪارا ڪڪر،
وٺا ته پانهنجا چنا چهر،
چڪ گهمن سڀ پانهنجا ولر،
لڪن لاتو لنڙا او ڍولا...

جهونو ڙي چنو ته نمي ڀان جو،
سنهون ڙي چولڙو ڀنو مان جو،
هيڪلين هنڌ ۾ سيءَ سران جو،
تون ڙي ته آجهو اوڇڻ مان جو،
ڏوهر ڪيهڙو ٿيڙا او لالڻ...

وڇڙيون وَرَ وَرَ ڪن ڏيون ڪيهان،
ڇپلڙا تنهنجا ته ڪن ٿا ريهان،
آکهي ته آهيان مان راتيان ڏينهان،
ڏکي ڙي ويٺي مان ڏارو ڀيهان،
ڳرو ته جنڊ جو پڙا او جاني...

سارو ڙي ساٿوڻ ڪيئن آڪاريان،
ڪس تي ويٺي مان ڳهيتڙا چاريان،
چڙهيو ته چونيءَ وات لهاريان،
دڳ مٿي توهجي پاهڙي پاريان،
وڻيو تون اچ ڳڙا او چورا...

# ٽڙ جو وسڪارو

منهنجا مور سڄڻ، مان ڳهور سڄڻ،
گهر آءُ تون پنهنجي پيارا ڙي
وري آيا اڄ وسڪارا ڙي...

هيت ديس وٺو، گهڻو گاهه ٿيو،
ڏاڍا مينهن پيا موچارا ڙي،
تو ڪيئن ڪيا ويسارا ڙي...

جڏهن ڪَڪَريون رُتِ جي راله رهن،
جڏهن ٻولڊون چتُوهي ساٺ ڇتن،
جڏهن پاڻياريون سڀ ٽهڪ ڏين،
جڏهن ڪنوڻ ڪيلي،
جڏهن مور ٽيلي،
مان آئي پرين شوڪارا ڙي...

جڏهن ڪارئين راتئين سُڪ نه سمهان،
جڏهن آڏيءَ آڏيءَ ڇرڪيو اٿان،
جڏهن هر هر تنهنجي واٽ ڏسان،
جڏهن ڪوڙ ٿئي،
ڪجڪوڙ ٿئي،
مون کي ڊپ ڏين ڊيڄارا ڙي...

هيت روز وسن ٽٽا وڏ ڦڙا،
ڏٽَ ڏولڻ ڇا هٽ ڪيت ڪڙا،
ڏينهن رات پُرڻ ٽا ڇنگ ڇڙا،
جي تون نه اچين،
پرديس رهين،
منهنجا ڏينهن پنا ويڇارا ڙي...

# کھاڻيون

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

مقالا

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

جيئن ته هي ڪلام پنج صديون پراڻو آهي، اڳوڻي ۽ هاڻوڪي لفظن، توڙي تلفظ ۾، لحاظان فرق آهي؛ تنهنڪري هن لاڙڪ ۽ افيس ڪم کي لباهڻ لاءِ اهڙو ڪو لتڙ ليهي گهرجي جو ميڻهن تي سهڻ جي پرواهه نه ڪري، پلڪ وڪ وڌائيندو رهي. جيتوڻيڪ هنه سنڌ، اهڙن اديبن کان خالي نه آهي، پر هرڪنهن جي فيلڊ پنهنجي پنهنجي آهي. جيڪڏهن ڪو اديب، ان ڪم ۾ هٿ وجهڻ جي هام به هڻندو، پر تڏهن به اڳتي هلي، ڪنهن فولادي ڪوٽ پچڻو پوندو، جنهن جي قوت، اسان مان ڪن ٿورن کي آهي. سنڌ جي راهه آهي ته هي انڪانيو ڪم، سنڌ جي سداملوڪ سپوت ۽ مڃيل محقق محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جن کي ئي سونپڻ کپي؛ ڇاڪاڻ ته اِن ڏِس ۾، محترم سائينءَ جا ڪُلها ڪشادا آهن، ۽ ڪيڏي به اڻانگي ادبي ميدان کي، پنا ڏڙڪ سـر ڪري ويندو. سو رنهن اها پڪ آهي ته ”قاضي قادن جو ڪلام“، جوان همت محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جي قلم مان چمڪي اڪرندو.



Gul Hayat Institute

9. A. Burnes: Travels in Bokhara, 1831.
10. W.J. Eastwick: Dry leaves from young Egypt, London 1851.
11. William Napier: The conquest of Sind, London, 1845.
12. Lambrick H T: Sir Charles Napier and Sind, 1952.
13. Travels in India including Sind and Punjab Vol: 1, Captain Leopold von orlich, translated from the German into English, by: I.I. Evans LLoyd, 1845 reprint 1976.
14. Dr: Adrian Duarte: A History of British Relations with Sind, National Book Foundation 1976.
15. Dr: Hameeda Khatoon Naqvi: Mughel Hindustan: Cities and Industries, National Book Foundation, 1974.
16. Ghulam Mustafa Shah Sayd: Legency of Britain, Karachi 1071
17. Pahwar, M.H: Source Material on Sind, Institute of Sindhology, Sind University 1977.
18. Herbert Fieldman: Karachi through a hundred years, Karachi, 1960.
19. Lambrick, H. T: Sind, A General Introduction, Hyderabad, Sindhi Adabi Board, 1964.
20. Marshal, Sir John: Mohen Jo Daro and the Indus civilization. London, 3 Vol, 1931.



Gul Hayat Institute

رها کن ترهات و شطح و طامات
خیالِ نور و اسبابِ کرامات
کراماتِ تو اندر حق پرستي است
خر این کبر و ریا و عجب و مستي است
درین هر چند کان از باب فقرا است
همه اسبابِ استدراج و مکر است
ز ابلیسِ لعین بي سعادت
شود پیدا هزاران خرق عادت
کرامات تو گر در خود نمائي است
تو فرعوني و این دعوي خدائي است
کسي کو راست با حق آشنائي
نیاید هرگز از وي خود نمائي

سندن مجلس ۾ ڪو شخص ڪشف ۽ ڪرامت جي ڳالهه ڪندو هو ته کين اهڙي قسم جي ڳالهه نه وڻندي هئي ۽ اهڙن موقعن تي اڪثر هيءُ شعر پڙهندا هئا:

هر که او از کشفِ خود گوید سخن
کشفِ او را کفش کن، بر سر بزن (۱)



(۱) سڪينة الاولياء ص ۱۰۱-۱۰۰.

امام عزيز کان پوءِ سندس فرزند جانشين امام الحاڪم ۾ انهيءَ ڪتبخاني ۾ گهڻو اضافو ڪيو ۽ ادارو "بيت الحڪمت" نالي قائم ڪيائين. بيت الحڪمت جو ڪمرو قيصرشاهي سان گڏ هو جتي امام الحاڪم، اڪثر علمي مجلسون منعقد ڪرائي مناظره ڪرائيندو هو. تنهن کان سواءِ اتي اسماعيلي عقيدن، حساب، فلسفي، نجوم ۽ طب جي به تعليم ڏني ويندي هئي. هرهڪ کي مذهبي آزادي هئي، تنهنڪري امام الحاڪم جي دور ۾ قاهره ۾ مالڪي فقهه جو به هڪ مدرسو قائم ڪيو ويو هو. امام آمر جي وزيرالمامون، قيصر ڪبير جي ويجهو هڪ بيو دارالعلوم تعمير ڪرايو، جنهن ۾ مروج اسلامي درس ڏنو ويندو هو(۱).

امام مستنصر جي زماني ۾ شاهي ڪتبخاني ۾ گهڻو اضافو ٿيو. مقريزي لکي ٿو ته "هيءُ ڪتبخانو دنيا جي عجيب ترين ڪتبخانن مان هڪ هو. اسلامي دنيا ۾ هن کان وڏو ڪتبخانو ڪو نه هو." قيصرشاهي ۾ چاليهه ڪتبخانا موجود هئا. انهن سڀني ڪتابن جو تخمينو الڪل ڇهه لک هڪ هزار هو، جن مان ارڙنهن هزار ڪتاب فقط علوم قديمه تي هئا ۽ اهي سڀئي ڪتاب انهن کان علاوه هئا جيڪي قاهره جي دارالعلوم ۾ مختلف علوم ۽ فنون تي هئا.

افسوس! انهن بي نظير ۽ بي بها ڪتبخانن کي ترڪ شورش جي دوران برباد ڪيو ويو. انهن گران بها ذخيرن کي، هو آني تي لڏي پنهنجي انهنجي گهر کڻي ويا ۽ انهن مان باهه بارڻ جو ڪم وٺي ورتائون ۽ ڪتابن جي خوبصورت جلدن مان پنهنجون جتيون ٺهرايائون، تنهن هوندي به باقي جيڪي بچي ويا هئا تن جا به ڍير لڳي ويا هئا. الخطط ۾ اچي ٿو ته مقريزي جي زماني تائين اها جڳهه "تلال الڪتب" يعني "ڪتابن جو ڍير"، جي نالي سان مشهور هئي(۲).

علم ۽ دانش سان اسماعيلي امامن جي شغف ۽ دلچسپيءَ جو اظهار، هن سان بخوبي لڳائي سگهجي ٿو، انهيءَ تباهيءَ ۽ بربادي کان پوءِ به امام مستنصر نئين سري کان ڪتبخانن جي تعمير ۽ تڪميل جي طرف متوجهه ٿيو. ابن خلدون لکي ٿو ته "جڏهن صلاح الدين ايوبيءَ مصر تي قبضو ڪيو ته شاهي ڪتبخاني ۾ جدا جدا علوم ۽ فنون تي هڪ لک ويهه هزار ڪتاب موجود هئا، جي هن پنهنجي صلاحڪار قاضي عبدالرحيم کي ڏئي ڇڏيا"(۳).

انهن اسماعيلي عالمن ۽ داعين جو ذڪر ڪرڻ بيجا نه ٿيندو جن علم ۽ دانش جي شمع کي دور دراز ملڪن ۾ وڃي روشن ڪيو. انهن مان سڀ کان اول نالو ابو حاتم عبدالرحمان الرازيءَ جو اچي ٿو، جيڪو امام قائم جي زماني ۾ ملڪ "ديلم" جو داعي هو، جنهن جون تصانيف مثلاً "ڪتاب الزينه"، "علام النبوة"، "ڪتاب الصلاح" ۽ ڪتاب الجامع" وغيره آهن.

---

(۱) اوليري ص ۱۴۰.

(۲) الخطط ص ۵۵-۲۵۲ (ترجمو).

(۳) ابن خلدون -ج-۱۰ ص ۸۰.

ھلاڪو خان جي حملن کان پوءِ جيڪي نزاري داعي سنڌ ۽ ھند ۾ آيا، تن مان پير صدرالدين ۽ سندس فرزند پير حسن ڪبيرالدين جون ڪافي تصنيفون آھن. پير صدرالدين جا تقريبن ارڙھن ڪتاب آھن ۽ ١ سو پنجاھہ کان زياده گنان، جي اخلاق، مذھبي عقيدن ۽ مذھبي قصن تي مشتمل آھن. پير حسن ڪبيرالدين به نظم ۽ نثر جا گھڻائي ڪتاب لکيا آھن (١). داعي پيڪ ڪارا رودا، پير حسن ڪبيرالدين جي لون ڪتابن جي اشاعت ڪئي آھي. انھن کان سواءِ ھن جا ھزار کن گنان آھن (٢). شيخ عبدالحق دھلويءَ، سيد حسن ڪبيرالدين جي وڏي تعريف ڪندي لکيو آھي ته ”جڏھن ڪو به غير مسلم سندن سامھون ايندو ھو ته اسلام قبول ڪري ايندو ھو.“

”كفار پيش مے آمده اند و مسلمان مي شده اند“

(١) ابطال الاسماعيليه - ص ١٠٢.
(٢) اخبارالاخيار - ص ٢١٣.

# تذڪره مشايخ سيوستان

(سنڌي ۾)

عبدالغفور بن حيدر سيوستانيءَ

سيوهڻ جي صوبه دار ديندار خان ”سيد ٻهوه“

جي لاءِ ١٠٣٩ھ ۾ لکيل

تصحيح ـــ تعليقات

**سيد حسام الدين راشدي**

Gul Hayat Institute

## والده مرحومه جي ياد ۾

مرا گر بود آلمي در زمانه — به مادر بود کورفت از ميانه
نه چندان است در جانم غم او — که بتوان داد شرح ماتم او
چو محرم نيست اين غم هاء گويم — غمي کز مرگ او آمد به رويم
نبود آن زن که مرد معنوي بود — سحر گاهان دعاي او قوي بود

عجب آهي سحر گاهش بودي
ز هر آهي به حق راهيش بودي!

— عطار

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

آديسي اُٿي ويا، مڙهيون مون ماريون،
جي جيءَ کي جياريون، سي لاهوتي لڏي ويا.



ولي دائود پوٽو

ڄم: ٧- اپريل ١٩٢٤ع

وفات: ٢٠- جولاءِ ١٩٧٩ع



دادن فقير

ڄم: مارچ ١٩٠٦ع

وفات: ٢٠- آڪٽوبر ١٩٧٩ع

'وليءَ' جو هڪ غزل پيش ڪجي ٿو:

آهيون اڃا به حال ۾ پنهنجي ته حال سان،
الجهون ڪڏهن پيا تنهنجي خيال سان.

تنهنجو جمال پنهنجو نه ورثو بڻيو ته ڇا،
تنهنجو رهي جمال ٿو منهنجي جمال سان.

اڳ جا حسين ايڏا لٽيرا ته ڪين هئا،
دل تو لٽي، لٽي ته لٽين ترڪ تال سان.

شايد ليپي پوي هئا، اسان کي انهن منجهان،
سهڻو جواب، سوالن جي سهڻي سوال سان.

چونون سهي سهي به ته دل ڪيتريون سهي،
سڀئا سوين سلن ٿيا، مثال و مثال سان.

پنهنجي ڏکن کان وقت بچيو، سوچيو ٿڏهن،
تنهنجي خيال سان ڪڏهن، پنهنجي خيال سان.

توسان سلامتي اچي، سڄا پوکيي هئي،
خوشحال ان ته رهون پيا آهل و عيال سان.

موت ربب ۽ فريب اهن! ٿي ڏٺا، پيدا،
پر تو ڏٺا فريب الوکي ڪمال سان.

Gul Hayat Institute

تنهنجو اچڻ به ڏک ڏئي، تنهنجو وڃڻ به ڏک،
گهاريون پيا اسين ته فراق و وصال سان.

ويندو وڃو "ولي" ته ڇا، ايندو اچي ته ڇا،
ياري رکون لشا، اسين رنج و ملال سان.

●

Gul Hayat Institute



Gul Hayat Institute